ترجمو: هي كتاب ملك گجرات شهر اجين مالوه مان هك رپئي پندرهن آنا قيمت تي گهرايو ويو. مالك: ميان محكم الدين سيوستاني ابن حاجي فتح الله ابن مخدوم عبدالواسع قادري- ابن مخدوم محمد حسن قادري برادر حضرت نعمان ثاني عبدالواحد سيوستاني بياض واحدي جو مصنف قدس اسرارهم ابن مفتي الاسلام نديم نيك فهم مخدوم دين محمد سيوستاني، ڏوهٽو ميان عبدالملك عباسي الهاشمي المشهور مخادير دكائي علهيم الرحمة ابن مفتي الاسلام مخدوم شيخ عبدالواحد پاٽائي ابن مولانا عبدالرحمن قاري ابن مولانا محمود پاٽائي، ابن عيسيٰ ابن حضرت مخدوم حسن قاري قدس سره ابن شهرالله رمضان پاڻ شاه عبدالستار ۽ پاڻ حضرت بابا فتح شاه مخدوم فتح محمد محدث صاحب مفتاح الصلواة جيكي ٻئي حضرت مسيح الاوليا شاه جندالله دستگير عشقيه الشطاريه شيخ عيسيٰ قاسم سنڌي پاٽائي برهانپوري (صديقي) شهابي سهروردي قدس سره جا پٽ آهن."

ساڻئي نسخي جي آخري 36 خالي ورقن تي جيكي بعد ۾ مٿان كيل پكي جلد ۾ لڳايل آهن. ان جي به عنوان، "فهرست"، شرح تحرير كيل آهي. جنهن كي هيٺ پيش كجي ٿو اها شرح مخدوم حبيب الله سيوهاڻي جي تحرير كيل آهي. سندس وفات جو سن معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پر زمانه حيات جو اندازو سندس هڪ جي تاريخ 1264هـ مان لڳائي سگهجي ٿو. ان كان علاوه هو مخدوم محمد مجذوب سيوهاڻي (المتوفي 1316هـ) جو ناني ۽ ويجهو عزيز پڻ ٿئي.

فهرست

خاص اهل سنڌ جي مشائخن جو مفصل حقيقتن سان بيان كتاب اذكار ابرار ترجمه گلزار ابرار ۽ اكثر بين كتابن مان چونڊي هي "فهرست" لكي. اذكار ابرار گجرات اجين مالوه مان قيمت 0. 15 - 1 ۾ گهريو هو.

www.maktabah.org

نمبر	نالا وليـن اهـل سـنڌ جيجا لقب سجاٽپ جي سان	صفحو کتاب	شرح
1	سنڌ جي اوليـائن مـان خاص لقب سجاٽپ جا نـالي مبـارڪ حضـرت شـيخ عيسـيٰ قاسـم سنڌي برهانپوري قدس سره جا اذڪار ابرار ۽ ٻيـن ڪتـابن مـان چونڊيل		مسيح الاوليا - مسيح العاشقين، مسيح القلوب مسيح الزمان، حبيب الله حافظ - حافظ لقب 989 هـ ڪان تصنيف ٿيـل ڪتـاب عيـن المعـاني اوليـا شيخ عيسيٰ قدس سره جي ۾ ظاهر آهي. جنهن حضرت سـن تصنيـف ڪتـاب متئيـن جـو حافظ لقب مان ڪڍيو آهي. ح ا ف ظ 9 ا 80 900 ۽ پنهنجو شجرو آبـائي متئيـن سـن ڪان ڏيڪاريو اٿن. عيسـيٰ پٽ قاسم پٽ يوسف پٽ رڪن الدين پٽ معـروف پـٽ شـهاب الدين شهابي سهروردي جو اهو شهاب الدين ثاني سنڌ ڏيهـ ۾ پڏرو حضرت صديق اڪبر رضي الله عنـه جـي اولاد مـان هـر ڪنهن ڪتاب لکيو آهي. مشهور شهابي سهروردي نسب سان جيئن عمر بن عبدالعزيـز فاروقي فاروق ثاني مشهور هو. تيئن اهو شهاب الدين بـ ثاني

www.maktabah.org

			شهاب الدين سهروردي قدس اسرارهم سنڌ ڏيهه ۾ پڌرو هو ۽ پاتر (پات) پراڻيءَ ۾ حاڪمن جي ارادت موجب ساڪن هو. سندس قابليت بلاغت ۽ معافي زمينات ۽ مريدي خادمي ڪان پاتر (پاٽ) پراڻي آباد ٿي هئي. سندس پوٽن مان حضرت شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري هو جنهن جا مٿيئن لقبن ڪانسواءِ ٻيا لقب به ڪتابن ۾ عام لکندا ٿا اچن. عين العرفا، جنداللہ، قطب الاقطاب، پير دستگير، امام المحدثين، زبدة الشطار، قبلہ وقت، حضرت صاحب، شيخ زمان قدوة الابرار - ڏسو تحفة اذڪيا رسالي مان-
2	شيخ ابراهيم	236	اصل سنڌي - مدفون برهانپور - عمر سنڌيءَ جو پٽ هو.
3	شيخ ابراهيم	272	سکر جي پرسان جاڪلهوڙا- قبر سندس برهانپور ۾
4	شيخ مبارڪ	315	ڳوٺ پاٽ ۾ ڄائو ۽ قبر سندس برهانپور ۾ آهي. سندس ڏاڏنگ ۽ مسيح الاولياءَ جو ڏاڏنگ شهر پاٽ جي بنياد ۽

www.maktabah.org

			آبادي لاءِ متفق هئا - شيخ مبارڪ جو والد ماجد پاتائي هو پوءِ وڃين سيوهڻ شهر ۾ وطن ڪري ويٺو هو . سندس نالو شيخ خضر هو. مبارڪ خضري ڪري ڪتابن ۾ لکندا آهن. انهيءَ شيخ خضر جو خادميءَ جو رستو هو. حضرت شيخ يوسف سنڌي ڏاڏي سڳي مسيح الاولياء جي سان. شيخ مبارڪ کي به پٽ علامہ الدهر هئا. هڪڙو شيخ ابوالفضل اڪبري ۽ ٻيو شيخ فيضي - جيڪي هند ۾ مشهور معروف هئا. هند ۾ شيخ ابوالفضل کي ڪنهن طعن نسب جو ڪيو مبارڪ پٽس جي نالي سان ته مبارڪ شيدي غلام يا ڪنهن ڇڙ جو نالو چوندا آهن. ان جي جواب ۾ شيخ ابوالفضل اڪبريءَ معقول جواب ڏنو پنهنجي نسب آبائي جي نسبت ۾
5	مخدوم عباس	306	وڏو علامہ ۽ محدث سنڌ ۾ مشهور معروف هو. پاڻ ڳوٺ ۾ ڇاوا هئا- پوءِ وڃين وينا

www.maktabah.org

هنگورجن ۾ سندس والد امجد يوسف جمال ۽ جلال علي نالي سان پڌروهو. مخدوم عباس محدث شيخ طاهر محدث ۽ شيخ قاسم محدث ۽ شيخ طيب محدث پاڻائي جو پاڻ هو - سندس ذڪر تاريخ معصوميءَ ۾ شايع آهي.

مخدوم عباس عليه الرحمه جي مسجد شريف ۽ مدرسه علوم پاڻ جي ۾ به سبب حقداري حضرت مسيح القلوب قبضي دار هو پاڻ ۾- مخدوم صاحبؒ محدث جي مائٽي حضرت سرور پير هالڪندي سان لڳي تمسڪ ڏهين صديءَ جي اوائل سن لکيل ڏيکاري ٿي اها مائٽي.

مخدوم محدث جو اولاد مخدوم جنيد الله اصل هنگورجن مان هالاڻي شهر ۾ وطن اختيار ڪيو. پٽ سندس مخدوم اسماعيل مشهور طاعي هو سندس زيارت گاهه هالاڻين ۾ آهي. پٽ سندس مخدوم عثمان پٽ سندس "مخدوم داؤد عليه الرحمهر

www.maktabah.org

			هو. جنهن جو وڏو ميلو لڳندو آهي. انهن جي اولاد مان مخدوم نور محمد پڌرو هو - جنهن جو اولاد ٽريچاٽي ڳوٺ تعلقہ روهڙي جي ۾ ساڪن آهي ۽ اتي اولاد گهٽو اٽن.
6	قاضي قاضن	275	سنڌي مشهور هو:
7	شيخ معروف ۽ شيخ عثمان	340	ٻئي سڳا ڀائر فرزند حضرت شيخ عيسيٰ ڪبير سخي لقب واري جا هئا. پاٽ ڳوٺ ۾ جاوا هئا. عيسيٰ ڪبير مٽيون چاچو هو شيخ طاهر محدث سنڌي پاتائي گجراتي برهانپوري جو- مٽيان ٻئي حضرات ڀائر ارادتمند جي دعوت ڪري پاٽ مان هجرت ڪري شهر سيت پور تحصيل علي پور ضلعو مظفر ڳڙھ ملڪ پنجاب ۾ وطن ڪري وينا. خاص عام سندن ڏاڍي مريديءَ جي ۾ پوتل آهن. وڏي فيض وارا مرشد ان جهان تي گذريا هئا. سندن درگاهہ زيارت گاهہ عام خاص جي انهيءَ ملڪ ۾ آهي. حضرت شيخ طاهر محدث مٽين جا ڀائٽيا هئا. اهو طاهر سڳورو چاچو هو مسيح

www.maktabah.org

			الاوليا جو ءِ هو ٻئي بزرگوار مٿيان حضرت مسيح العاشقين جي بيبي ماءُ سڳوريءَ جا چاچا سڳا سنگ ۾ لڳن ٿا.
8	شيخ يونس	274	سنڌي پاڻائي استاد خاندان مسيح الاوليا
9	وهبان	307	-
10	مخدوم بايزيد	375	ذات جو لاکو هو
11	مخدوم بلال	375	اصل سمون - زيارت گاهه باغبان ۾
12	مخدوم جعفر	274	ڇمڙ جي جاءِ شهر بوبڪ - قبر به بوبڪن ۾ آتس. مسيح الاولياءَ جي روايت ڪري صاحب گلزار ابرار اکثر پنهنجي تصنيف ۾ اهل سنڌ جو بيان آندو آهي.
13	شيخ ابراهيم	359	مشرباً شطاري عشقي قبر سنديس برهانپور ۾
14	شيخ طيب	377	اصل نٽئي - مدفون برهانپور ۾- سندس مذاق نٽي شهر جي بازار ۾ بموجب خوش طبعي مسيح الاولياءَ سان هئي.
15	عربي ديانہ (ڏنو)	378	-
16	شيخ ڪتين	379	-
17	ميان وجيه	386	نٽي جو هو.
18	مولانا اسماعيل	389	-
19	سيد ابراهيم	392	قبر سندس برهانپور ۾
20	مخدوم نوح	395	هالڪندي ۾ سندس زيارتگاهه

www.maktabah.org

			آهي شيخ يوسف سنڌي ڏاڏو حقيقي مسيح الاولياء جو ۽ پيءُ شيخ طاهر محدث جو مخدوم صاحب جو همدرس هو ۽ مخدوم سرور پير قدس سره جي قرابت شيخ يوسف سنڌيءَ جي پاڻ ڳوٺ ۾ هئي. سرور پير جو قبلو سابقين پاڻ ڳوٺ ۾ مقيم هو- پوءِ بوبڪن جي شهر ۾- سيوهڻ ۽ لکعلوي کان پاٽوٽ- پاٽوٽ کان آخر هالکنڊي ۾ سرور پير جو پيءُ جهان ۾ پڌرو ٿيو. مخدوم نوح پٽ مخدوم نعمت الله پٽ اسحاق پاٽوٽي پٽ شهاب الدين پاٽائي پٽ فخر الدين پاٽائي سيوهاڻي لکعلوي - هن کي صغير کري ب لکن.
21	شيخ قاسم	387	ڳوٺ پاڻ ۾ ڄائو هو. حضرت طاهر محدث، مخدوم عباس پاٽائي هنگورجائي محدث جو سڳو پاءُ هو ۽ حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جو والد امجد هو- درالدارين في مناقب غوث الثقلين ۾ لکن ٿا ته شيخ قاسم کي رئيس المحدثين جو لقب

www.maktabah.org

			حضرت سردار عالم صلي الله عليه وسلم جي حضور مقدس مان حاصل ٿيو.
22	شيخ طاهر محدث	426	وڏو عالم بي عديل ولي اڪمل هو پاڻ ۾ ڄائو هو - اها پاتر پراٽي (پاڻ پراٽي) ڪري سڏبي آهي. هاڻوڪي پاڻ انهيءَ ڳوٺ جي نالي سان 1198 هـ ۾ زميندارن ٻڌي هئي. (واضح رهي ته پاڻ پراٽي يا نئين کا مختلف هنڌن تي واقع نه آهي بلڪ سنڌو درياهه جي ڪپ تي دڙي تي ٻڌل ڳوٺ جڏهن درياهي رستي جي اهميت ختم ٿيڻ سبب ويران ٿيڻ لڳو ته ماڻهن اولهه طرف زمينن ۾ گهر ٺاهڻ شروع ڪيا - ان نئين پاڙي کي نئين پاڻ چوڻ لڳا - حالانڪ ٻنهي پراٽي ۽ نئين پاڻ ۾ڪو مفاصلي جو خاص فرق نه آهي.) حضرت طاهر محدث جي والد امجد جو نالو شيخ يوسف سنڌي هو ڪيس جمال يوسف ۽ جلال علي به ڪري چوندا هئا. اڪثر لکن تا ته مدفن سندس شهر برهانپور ۾ آهي.

www.maktabah.org

			ترجمہ گلزار ابرار ۾ نسب آبائي شيخ محدث قدس سره جو هن طرح لکن ٿا: شيخ طاهر پٽ يوسف پٽ رکن الدين پٽ معروف پٽ شهاب الدين: متيون نسب ڏيکاريل ساڳيو مسيح الاولياءَ جو عين المعاني ۾ موجود آهي. شيخ طاهر عليه الرحمه سڳو پاءُ هو شيخ طيب پاتائي شيخ قاسم پاتائي برهانپوري ۽ مخدوم عباس بن جلال علي جمال يوسف پاتري هڪورجائي جو متي نسب ۾ جو رکن الدين ڏيکاريل آهي. اُنجو پٽ هو شيخ عيسيٰ سخي کبير پاتائي متئين جو جنهن جو پائٽيو هو شيخ طاهر ابن يوسف سنڌي پاتائي محدث گجراتي شيخ محدث جا آباؤ ڪرام پاٽ قصبہ جي بنياد آباد لاءِ ناليدار هئا.
	شيخ طاهر محدث پٽني	483	اذڪار ابرار ۽ صاحب تذڪرة الانساب انهيءَ طاهر محدث جو نسب پنهنجي تصنيف ۾ آندو آهي. طاهر پٽني ابن محمد جمال بن شيخ احمد بن صدر الدين بن

www.maktabah.org

سحمد شريف بن شيخ محمد يعقوب صديقي ۽ سجاد نشين درگاهه طاهر نهروالہ جي موکليل نسب طاهر جيمان ڏسجي ٿو ته شيخ طاهر بن علم الدين اهڙي سموري شجره ۾ نالا واسطن آباءِ شيخ طاهر نهروالہ جي جا برخلاف نقل کيل صاحب تذکره الانساب جي. جئنہ ته نهروالہ سجاده نشين جي تحرير ۾ ٻڌا ٻڌا والله اعلم بالصواب

صاحب غوثي مصنف گلزار ابرار جي عبارت آندل مان صفا پيو ڏسجي ته اُهو صاحب شيخ طاهر نهروالہ جو همدرس همقرن هو اهڙي طرح شيخ طاهر محدث بن يوسف سنڌي جي ملاقات ۾ ب مشرف هو.

سو صاحب همقرن لکي ٿو ته طاهر محدث ابن علم الدين جي وفات سنہ 984 ۾ واقع ٿي، جيکا حادثي قوم بوهرن جيءَ ڏيکاري ٿو ته جنگ بوهرن جي شيخ طاهر محدث نهروالہ سان نہ ٿي هئي. برخلاف متاخرين لکندڙن تاريخ جي جيکي

www.maktabah.org

			لکندا اچن ٿہ جنگ بوهرن جي طاهر سان ٿي هئي. صاحب گلزار همقرن طاهر نهروالہ جي جو لکي ٿو ٿہ شيخ محمد بن شيخ طاهر محدث نهروالہ سان بوهرن جنگ ڪئي هئي، ۽ اُجين سارنگپور وٽ شهيد ڪري ڇڏيو هو. سيڪنهن ناظرين عبارت تواريخ جيکان مخفي نہ هوندو ٿہ متاخر اهل هند جا نقل تي نقل ونندي ۽ لکندي ڪتابن جا اوراق ڪارا ڪري ويا آهن، بلڪ هن تازي زماني ۾ بہ اجان پئا نقل ڪيو ڪتاب شايع ڪن پر اصل ماهيت کان واقف نہ آهن. مجمع البحار جيڪو متاخرن جي نقلن مان پيو ڏسجي تہ اهو ڪتاب شيخ طاهر محدث پٽني يعني نهروالہ جو تصنيف ڪيل آهي، سو بہ صاحب "گلزار ابرار" غوثي همقرن همديس نهروالہ محدث ۽ پٽس شيخ محمد جي جو لکي ٿو، اهو ڪتاب مجمع البحار بہ درست ڪيل شيخ محمد پٽ شيخ

www.maktabah.org

			طاهر نهروالہ جو آهي، اهو خاص مجمع البحار نالي سان مشهور آهي. انهي ترڪيب علم جي صورت ۾ لکن ٿا. ۽ قوم بوهرن جي مان وڏا علامہ ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ نورمحمد بوهره مشهور هو. پر جيڪو مجمع البحار ٻئي شيخ طاهر محدث ابن يوسف سنڌي جي جو عالم ۾ پڌرو آهي. ان کي مجمع البحار طاهري ڪري لکن ٿا. ان جو شعور بدستور تفسير جي آهي ۽ ترڪيب سندس ٻي صورت ۾ آهي، پر جيڪو هاڻي مجمع البحار ڇاپ ۾ پڌرو آهي. اهو علمائن کان مخفي نہ آهي پر ڏسڻ واجب آهي، اهو ڇاپيل تفسير مجمع البحار هوندو تہ اهو خاص شيخ طاهر محدث پٽ يوسف سنڌي جو درست ٿيل آهي پر جيڪڏهن انهيءَ ۾ مصنف جو نالو طاهر پٽني لکيل هوندو تہ اهو صحيح نہ چئبو. اصل ۾ طاهر پٽني (پاٽائي) لکيل هو جنهن مان معرب پٽني متاخرن کان آهي.

www.maktabah.org

			بصورت واحد پٽئي ۽ پٽني جي ۽ شيخين هر نام ظاهرين محدثين هر اضلاع ۽ همعصر جيڪر متاخرن کان ۽ چاپ ۾ غلطي نه هوندي ته کڻو شڪ هڪ ٻين جي حال ۾ مٽ سٽ ۽ مخلوط عبارت ۾ غلطي حادث نه هوندي ته کو عجب نه آهي. اهڙن اختلافن کان کو ورق خالي کنهن کتاب ۾ نڏو ڏسجي، ۽ جيڪي دشمنن بوهرن جا ناگوار حال ۽ ناهه طاهر محدث جي نالي ۾ تا ڏسجن سي سڀ انهيءَ طاهر محدث اصل گجراتي پٽني نهروالہ جي شان ۾ آهن. ڇو ته بوهرن جي جنگ بہ انهن سان پيدا هئي ۽ نہ شيخ طاهر محدث ابن يوسف پاٽائي سنڌي ثم هندي براري گجراتي سان فافهم عليٰ ذالک ۽ سن 1004 ۾ برهانپور ۾ وفات ڪيائين.
23	شيخ اسحاق قلندر	425	پڇاڙي عمر تائين شيخ طاهر ابن يوسف سنڌيءَ جي صحبت ۾ ٻڌل هو شهر برهانپور ۾ سن 1003ھ تائين. گلزار ابرار جي ترجمہ مان ظاهر

www.maktabah.org

			ٿو ٿئي ٿه مصنف گلزار محمد حسن غوثي ۽ اسحاق قلندر ٻئي شهر برهانپور ۾ حضرت شيخ طاهر محدث ابن شيخ يوسف سنڌي کان فيض گير هئا. کتاب جي عبارت مان ظاهر آهي ٿه مصنف هر صحبت شيخ طاهر سنڌي گجراتيءَ جي هو، جو ڪيترين اکين ڏٺيون ڳالهيون ٿو ڪتاب ۾ آڻي.
24	حڪيم عثمان بوبڪائي	445	بوبڪن جي شهر ۾ ڄائو هو ۽ پٽ شيخ عيسيٰ پٽ ابراهيم صديقي بوبڪائي جو هو ۽ حدود خانديس جي زمين ۾ اوڇتو قبيلہ سوڏو چورن شهيد ڪيو هو.
25	لاڏجيو	443	
26	تاج العاشقين	465	مدفن لاهور
27	شيخ عبدالله ۽ شيخ رحمة الله	504	ٻئي حضرات سڳا ڀائر سيوهڻ شهر ۾ ڄاوا هئا، حضرت طاهر يوسف محدث جا فرزند هئا، ٻنهين ڀائرن جو خطاب عربستان ۾ شيخين هو. ٻئي منور بہ انوار الهي عزوجل هئا.
28	شيخ عيسيٰ بن قاسم صديقي	508	يعني مسيح الاولياء سن 962هـ ۾ ڄاوا، کتاب ڪشف العقائد جيڪو هن وقت سيد امام

www.maktabah.org

			مسجد جامع برهانپور وٽ موجود آهي. ان ۾ لکيل آهي ته ترجمہ گلزار ابرار، اذکار ابرار مان معلوم ٿو ٿئي ته مسيح الاولياء جو والد امجد شاهه قاسم ۽ چاچس شيخ طاهر محدث پرگٹه پاٽ مان هجرت ڪري بلاالله عزوجل جي سياحت ۾ گجرات جي ملڪ ۾ جڏهن وارد ٿيا هئا. تڏهن مسيح الاولياء تولد ٿيا هئا. (نوٽ: گلزار ابرار ۾ شيخ يوسف، شيخ طاهر ۽ شيخ طيب جا نالا هجرت وقت 950هه ڏاري ضرور ڏنل آهن، پر شيخ قاسم جو نالو ڪونهي ڏنل، تنهن مان لڳي ٿو ته شيخ قاسم ان وقت هندستان ڏي هجرت ئي نہ ڪئي آهي، البت بعد ۾ هو ضرور هندستان ڏي ايندو ويندو رهيو آهي.) بعض لکن ٿا ته جڏهن هند جي سفر ۾ مسيح الاولياء جي والد امجد برهانپور شهر ۾ وفات ڪئي هئي تڏهانکر مسيح الاوليا وطن پدري جدي پرگٹه پاٽ ۾ اچي مقيم ٿيا هئا. سنڌ

www.maktabah.org

ڏيهه ۾ مشهور معروف عام خاص ۾ هوندا هئا. جڏهن حضرت صاحب پاڻ مان هجرت ڪري قبلہ گاهه جي درگاهه جا اچي زائر ٿيا هئا، ۽ شهر برهانپور ۾ وطن ڪري ويٺا هئا تڏهن کان مسيح الالياء سنڌي، پاڻائي برهانپور سڏجن ٿا.

برهانپور جي سنڌي پوره ۾ سندن درگاهه عاليجاه جاءِ زيارت عام خاص جي معمور مشهور آهي. سنڌي پوره ۾ سندن سنڌ ملڪ جي نسبت ڪري برهانپور شهر ۾ پڌرو آهي. وڏو محلو آباد هر شيءِ انهي پوره مان ملي سگهي ٿي ۽ سندس عرس يعني ميلو مبارڪ هر سال جي مهيني شوال ۾ 12، 13 ۽ 14 مقرر ٿيندو آهي. سيڪنهن ورید ۾ مسيح الاولياء جي خاندان جا جملہ ويه پيرا هر ڪنهن جي لاءِ مقرر تاريخ تي ٿيندو ايندو آهي.

مٿي لکيو ويو آهي تہ مسيح الاولياء سنڌ ڏيهه ۾ وڏا علامہ

www.maktabah.org

مثل آفتاب جي عالم تاب هئا.
مصباح النجاة في شرح مفتاح
الصلواة وارو صاحب لکي ٿو
شيخ عيسيٰ يعني مسيح
الاولياءَ جي نسبت ۾ سندن
وطن پاڻ پر اکثر ٻين کتابن
۾ سندن نسبت سنڌ ملک جي
شايع آهي، جهڙو زبدة
المقامات، خمسه جواهر عين
المعاني ۽ صاحب تحفة
الکرام تاريخ سنڌ ۾ لکي ٿو
ته سنڌ جي مشائخن مان شيخ
عيسيٰ هجرت ڪري ويا اهڙي
طرح ٻين اهل سنڌ جي اوليائن
جي هجرت جو به حال لکيو
اٿس، شرح ديوان حافظ جي
حڪايت صفحه 7 مطبوعه لکنو
۾ سندن سنڌ وطن جي نسبت
لکيل آهي، کتاب درالدارين
في مناقب غوث الثقلين ۾
آڻين ٿا ته حضرت مسيح
الاولياء کي خطاب امام
المحدثين جو حضرت سردار
عالم صلي الله عليه وآله
وسلم جي حضور مان حاصل
هو، کتاب کنزالوحدة تصنيف
غوث الاولياء جنهن ۾ توحيد

www.maktabah.org

		ڪشفي ۽ ايمان حقيقي جو بيان آهي. ان جي بيان جي آخر ۾ صاحب گلزار ٿو آڻي ته انهيءَ توحيد ڪشفي جا جامع مقام جو هڪ صاحب انهيءَ صفت جو هر ڪنهن صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ آهي. جيئن ته روءِ زمين تي اهڙي صفت جو صاحب هڪڙوئي ڏٺي تعاليٰ مبعوث ٿو ڪري. هن قرن ۾ روءِ زمين تي عين المعاني مسيح العاشقين الشيخ عيسيٰ ابن قاسم امدالله ظلال ارشاده علي روس المشتاقين الي جمال هذه الولاية مذڪورة والي صاحبها عليه التحية والسلام وتابعيه بالڪشف في ادراڪ عالم الجمع والفرق علي حڪم الفرقان المجيد المحفوظ المحيط بماله وعليه هو، حضرت مجدد الف ثاني جو ڪتاب تصنيف ٿيل معارف الدنيه آهي، انهيءَ ڪتاب جي عبارت ۾ مقامات حقيقت جي جا. وڏا بيان ترجمه گلزار ابرار ۾ لکن ٿا پر پچاڙي ۾ آڻين ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن طالب جي

www.maktabah.org

دل ۾ انهيءَ مقام جي تحقيق
جو درد هوندو هجي تہ انهيءَ
طالب کي مسيح الاولياء جي
خدمت ۾ رهڻ گهرجي ۽ سندس
ارشاد سان علاج انهيءَ عقده
مقام جو ڳولڻ گهرجي ٿو.
حضرت مسيح الاولياء جي
تصنيف ٿيل کتاب عين
المعاني جي عبارتن جي تشريح
جيکا اذکار ابرار ۾ آهي،
ڏسڻ سان عروج مقامات قرب
الهي عزوجل جيجو طالبن کي
حاصل ٿي وجي ٿو. انهيءَ
ماهيت ۽ ملفوظات عبدالقدوس
نقشبندي مجددي ۾ اکثر
مسيح الاولياءَ جي بيان هيٺ
لکن ٿا تہ حضرت مجدد امجد
هر اذکار ۾ حضرت شيخ
عيسيٰ سنڌي جي نسبت ۾ لقب
"مسيح الاولياء" جيسان کيس
ياد کندا هئا، جيکو منظور
صحبت مسيح الاولياء هوندو
هو سوئي حضرت مجدد قدس
سره جي پيش منظور هو، خزينه
الاصفياء مان نقل ۽ عين
المعانيءَ ۾ سندن نسب آبائي
هن طرح لکيل آهي. عيسيٰ پٽ

www.maktabah.org

قاسم پٽ يوسف پٽ رڪن الدين پٽ معروف پٽ شهاب الدين المعروف شهابي سهروردي (ثاني) السنڌي. وفات مسيح الاولياء جي 1031هه ۾ ٿي. مسيح الاولياء جي اولاد مان وڏو پٽ صاحب سجاده حضرت عبدالستار پاڻائي برهانپوري هو. اولاد سندس پنج پير پاڻيا فيضر سان خلائق هند دکن گجرات گذر ڪري ويا. پوئين پڳدار شاهه عطا علي بي بي پيڙ پنهنجي قبائل صديقين ۾ ڏني. جنهن جي اولاد مان سادات پرٽيا انهن جي اولاد مان سيد عزيز الدين درگاهه مسيح الاولياء جو سجاده نشين تاحال حيات آهي.

شاهه عطا علي پٽ شيخ محمد مراد پٽ شيخ محمد نظام الدين پٽ محمد مراد عرف مراداللہ شاهه پٽ شيخ ابوالقاسم سرمست پٽ شيخ عبدالستار پٽ حضرت مسيح الاولياء جو هو. ٻيو پٽ مسيح الاولياء جو شيخ عبدالستار قدس سره متئين کان ننڍو شيخ

www.maktabah.org

شهرالله عرف رمضان پاٹائي وطن پدري جدي ۾ معمور هو. اولاد سندس پرڳٽ پاٽ پراٽي ۽ جديد ۾ تاحال قائم البنياد آباد آهي. انهيءَ اساس مان مخدوم صاحب سيوهاٽي مشتهر آهن. جيئن ته شيخ رمضان ابن مسيح الاولياء جهنجو پٽ حضرت مخدوم محمد حسن قاري قدس سره ان جو پٽ شيخ عيسيٰ ثالث ان جو پٽ مولانا محمود ان جو پٽ مولانا عبدالرحمٰن پٽس مخدوم مفتي الاسلام شيخ عبدالواحد پاٹائي هو. هن صاحب کي سلطان اورنگزيب غازي دهلي کان جاگيرات زمينات لائق خاص بطفيل اولياءِ مسيح العاشقين پاٹائي برهانپوري جي معاف هئس. پٽ سندس مخدوم مفتي الاسلام دين محمد سيوهاٽي پٽس حضرت نعمان ثاني صاحب البياض مخدوم عبدالواحد ثاني سيوهاٽي قدس اسرارهم هو جيکو عالم ۾ فيض مبعوث هو.

www.maktabah.org

			ٹيون پٽ مسيح الاولياء جو حضرت بابا شاھ مخدوم عبدالرحمٰن گنج بخش فتح محمد محدث انهيءَ حضرت جي تصنيفات مان ڪتاب مفتاح الصلواة سنڌ جي علمائن ڪرامن ۾ پڙو آهي. درالدارين في مناقب غوث الثقلين ۾ لکن ٿا ته بابا شاھ جو خطاب مستطاب ڪيس حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم کان حاصل هو. سندن اولاد مان فرزند شيخ شهاب الدين برهانپوري مان حال حيات شيخ رکن الدين سابق قلعه دار ۽ پٽس غلام قادر سجاده نشين درگاھ ڏھٽو سيد صلاح الدين جو فيضر سان خلائق معمور مسرور آھن. حضرت محمد مسيح الدين خان نواب جاه حيدرآباد دکن ۾ ابن شيخ فخرالدين بہ متئين شهاب الدين جي اساس مان مشهور معروف آهي، ٻيو اولاد بابا شاھ جو اطراف اڪناف حيدرآباد دکن ۽ هند گجرات ۾ گھٽو آهي.
29	شيخ عبدالستار	560	شيخ عبدالستار وڏو پٽ مسيح

www.maktabah.org

الاولياء جو هو. تنهن کان ننڍو شيخ رمضان ۽ تنهن کان ننڍو بابا شاهه جيکو برهانپور ۾ بي بي خديجه خاتون مان ڄائو هو. ذکر سندس مٿي ٿي گذريو. پر قليل ذکر صفحه 560 ۾ به آندو اٿن. شيخ عبدالستار جي ذکر ۾ ٻئي هنڌ لکن ٿا ته اڄان طريقه نقشبنديه جو هنڌ ملک ۾ انتشار نه هو. جيئن ته حضرت طوطي هند جي منقار شکر خوار کان هند ڏيهه ۾ اڄان طريقه نقشبنديه رائج نه هو ته حضرت مجدد قدس سره پنهنجي والد امجد مخدوم عبدالاحد جي احوالات جا نقل فرمائيندا هوندا هوا. خواه سيد محمد هاشم مصنف کتاب "زبدة المقامات ان جي صفحه 117 ۾ ٿو آڻي. ته مون سان حضرت مجدد عليه الرحمة بيان ٿي کيو ته منهنجو والد امجد طريقه نقشبنديه جي واکاڻ کري فرمايو ته انهي راهه جي فوقيت ٻين طريقن کان زياده ۽ خلاصي آهي ۽ هميشه انهيءَ واٽ جي خاصيت بيان کندا ٿي آيا ۽ انهيءَ راهه جي خلاصي

www.maktabah.org

بابت کتاب ناهيندا پيا اچن.
هڪ ڏينهن مون پنهنجي مرشد
خواجه عبدالباقي قدس سره سان
پنهنجي قبلہ گاهه جي حالات جي
ڳالهه بيان ڪندي پيش ڪيو هو
تہ منهنجو والد امجد طريقہ
نقشبنديہ جي فوقيت ٻين راهن
کان وڌ ٿا ڄاڻن ۽ رسالا تصنيف
ڪن، جڏهن پير سان اها ڳالهه
ڪيم تہ اشتياق مند ٿي منهنجي
والد امجد جي ملاقات لاءِ مون
سان گڏ سرهند ۾ آيا هئا. غرض
تہ ڪتابن جي عبارت مان ظاهر
ٿو ٿئي تہ جن ڏينهن ۾ حضرت
مجدد اجان مصاحب مرشد
پنهنجي جا هئا. تن ڏينهن ۾
نقشبنديہ راهہ جي فوقيت
پنهنجي پيءُ کان ٻڌندا هئا. لکن
ٿا تہ جيسين حضرت مجدد جو
والد امجد حيات هو تيسين
حضرت مجدد پنهنجي پيءُ جي
صحبت ۾ ڪڏهن نہ شهر سرهند
کان ٻاهر قدم رکيو. تن ڏينهن
۾ حضرت مسيح الاولياء
نقشبندي راه جو ماهر هو. انهيءَ
واٽ جو خلق کي رشد ڪندا
هئا. جڏهن حضرت مجدد طرق

www.maktabah.org

نقشبندي جي پکيڙ ۾ خلافت
گزين ٿيا هئا ۽ پهريائين خواجه
سيد نعمان خليفو اڪبر پنهنجي
راه نقشبندي فيض گير لاءِ
برهانپور شهر ۾ موڪليو
هئائون، تن ڏينهن ۾ حضرت
مسيح الاولياء جا ڏينهن قريب
وصال جا هئا ۽ سندن طرق
قادريه ۽ عشقيه شطاريه جو
ايتريقدر زور ۽ شغل هو، جو به
گهمرا خواجه سيد نعمان موٽي
ويا آهن، حضرت مجدد جي
خدمت ۾ ته راه نقشبندي جي
ترويج برهانپور ۾ نٿي ٿئي.
غرض خواجه سيد محمد هاشم
نقشبندي خليفه حضرت سيد
نعمان قدس اسرارهم ٿو چوي ته
اوائل ۾ جڏهن مون حضرت
مجدد الف ثاني کان نقشبند راهه
جي فوقيت ٻڌي هئي تڏهانکر
پيو چوندو هو ته انهيءَ راهه جي
فوقيت بابت کو ٻيو مشائخ
ٻئي طريق جو به بيان ڪري ٿو
يا فقط حضرت مخدوم
عبدالاحد والد حضرت مجدد
قدس سره جو انهيءَ سبب جي
خيالات ۾ سفر ڪندي جڏهن

www.maktabah.org

شهر برهانپور ۾ وارد ٿيس تہ اُتي جي خانقاهن مان خانقاهہ شيخ عيسيٰ سنڌي جي مشهور فيض ۾ ڀڏيم پر آءٌ پهتس برهانپور ۾ 1032هـ تہ مون کان هڪ سال اڳ شيخ عيسيٰ قدس سره وفات ڪئي هئي، يعني 1031هـ ۾. پوءِ سندس پٽ سجاده نشين شيخ عبدالستار وٽ وڃين مقرب ٿيس، بعد ملاقات جي راهہ نقشبنديہ بابت مقال پيش ڪيم تہ جواب ۾ چيائون تہ هائو منهنجو مرشد ۽ والد امجد فرمائيندا هئا تہ طريقو نقشبنديہ ٻين واٽن کان فوقيت ۾ مخصوص آهي ۽ اسين بہ طريقہ نقشبنديہ جا مائل آهيون.

خواجہ سيد محمد هاشم تو فرمائي تہ مون جڏهن اها بشارت ٻڌي تڏهن شڪرانا پروردگار جا بجاءِ ڪيم ۽ چيم تہ هن مدعاتي بہ شاهد عادل مبعوث آهن. يعني هڪ خواجہ عبدالاحد والد امجد حضرت مجدد جو جيڪو حضرت عبدالاحد فاروقي خواجہ امير کابل فرخ شاهہ جي

www.maktabah.org

اولاد مان هو. فرخ شاهه جو نالو اصل ۾ شهاب الدين هو پر پنهنجي ڇمنار ۾ پنهنجو اصلوڪو نالو شهاب الدين نه چوائيندو هو صرف پنهنجي مرشد جي نالي شهاب الدين (السهروردي) جي سبب ڪري جيڪو عمدة الكاملين عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي قدس سره مشهور معروف هو. فرخ شاهه پٽ هو شيخ نصيرالدين پٽ شيخ سليمان پٽ شيخ مسعود پٽ عبدالله پٽ ابوالفتح پٽ سلطان ابراهيم پٽ شيخ سليمان پٽ ناصر پٽ عبدالله پٽ حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه ۽ پيو شاهد عادل فوقيت نقشبندي جو حضرت مسيح الاولياء صديقي شهابي سهروردي قدس اسرارهم ۽ مسيح الاولياء ستون ڏاڏو هو. حضرت نعمان ثاني صاحب البياض سيوهاڻي مخدوم عبدالواحد صغير قادري قلندري، آخراً نقشبندي قدس سره جنهن جو شجره آبائي متي ذكر ۾ مسيح الاولياء جي شايع آهي.

www.maktabah.org

30	شيخ بابو	592	اهل سنڌ
31	پائي اسحاق حصور	485	اسماعيل حافظ سنڌي جو پٽ هو.
32	مولانا موسيٰ	369	ذڪر هن جو قاضي محمود مورپي جي ياد ۾ موجود ته اصل سنڌ ۾ بوبڪن جي ڳوٺ جو هو.
33	شيخ موسيٰ	63	اصل ڳوٺ سندس ٿٽو

2. اذڪار ابرار جو هڪ ٻيو ڇاپي نسخو:

ذڪر ڪيل پهرئين ڇاپي نسخي وانگر هڪ ٻيو نسخو پڻ سيوهڻ جي هن ڪتبخاني ۾ موجود آهي جنهن تي پڻ مخدوم حبيب الله سيوهاڻي پڪو جلد ٻڌرايو ۽ منجهس اول آخر ڪي خالي صفحا ڇڏيا جنهن تي پڻ گلزار ابرار ۾ ذڪرڪيل ڪن بزرگن جي احوال ۾ اضافو ڪيو اٿس. انهن چند اوراقن ڪي جيڪي هينئر تاريخ جو نہ صرف اهم حصو آهن پر تحقيق ڪندڙن لاءِ مواد مهيا ڪرڻ جو سبب آهن تن کي محفوظ ڪرڻ جي خيال کان هتي اصل فارسي متن کي ان جي سنڌي ترجمي سان ڏجي ٿو.

ان مان هيٺين معلومات حاصل ٿئي ٿي:

(الف) مسيح الاولياء ۽ سندس اسلاف متعلق ڪي حقيقتون

(ب) پاٽ شهر جي درياهي ڪناري کان ڦٽڻ ۽ زرخيز زمين طرف ان شهر جي واڌ يا نئين پاٽ جي آباد ٿيڻ متعلق ڪجهه اهم حقائق.

www.maktabah.org

خلاصہ

اسمائیکہ از آبائی واولاد حضرت مسیح العاشقین درین کتاب داخل وموجوداند۔ دریں جا بہ مختصر شرح دیگر بطرز شجر مع فہرست صفحہ کتاب واضح نمودہ شد کہ در شناخت قرابت یکدیگر بہ فہم نیک درآید۔

قبائل پاتر حضرت شیخ شہاب الدین صغیر صدیقی سہروردی سندھی قدس سرہ بہ ارادت حکام اسلام در دار الاسلام ملتان رسید واز انجا بر زمین پاتر رونق افزائی گردیدہ و پاتر را معمور ساخت۔ شجرہ آبائی آنجناب وشیخ الشیوخ ابوحفص عمر شہاب الدین صدیقی سہروردی قدس اللہ سرہ العزیز متفق است۔ حضرت مسیح الاولیاء شجرہ آبائی خود را در دیباچہ کتاب عین المعانی درین شیخ شہاب الدین صحیح نمودہ۔ چون آنحضرت در ہر اکابر قریب بعید از اولاد حضرت سہروردی کبیر مشاہیر العصر بودہ واین را صدیقی سہروردی می شمر وحضرت مسیح الاولیاء علیہ الرحمۃ در ۹۸۹ ہجری آنحضرت را نسباً شہابی سہروردی نوشتہ۔ پاتر در عہد حکام دہلی مضاف بصوبہ ملتان بود واخراجات داد وسندھ اہل پاتر از خزانہ سرکار بھکر واز سرکار سیوستان بودہ واز اسلاف پاتر بہ لقب قبۃ الاسلام ملقوب کہ شہری عظیم بہ این لقب منسوب اکثر در کتب اسلاف مورخہ ۹۷۲ دیدہ می شود چند مدارس علوم مساجد متبرکہ در آنجا معمور بودند۔ سواد پاتر سفینۃ الاولیاء ہر اکابر فضلائے شمالی قدم خیز در آنجا داشت بنائے شہر بر کنارہ دریا مہران معمور بہ زراعات وحدیقہ جات پر میوجات بود واکثر باغات انار بہ اکثار اشجار ملذہ از پرگنہ او بودی۔ چہ از فرمان سلاطین دہلی در معانی محصول راہداری بہ حضرت مفتی الاسلام مخدوم عبدالواحد پاتری بن مولانا عبدالرحمن بن مولانا محمود معلوم می شود کہ دانہ انار و پوست از پاتر در تہتہ وجنس دیگر از تہتہ بہ پاتر آمد رفت دارد محصول راہ معاف است۔۔۔۔۔

از سرکارات دہلی بشرط منصب افتاء انعام جاگیرات در پرگنہ پاتر و پرگنہ باغبان وسیوستان حاصل داشت لیکن در بعضی اوقات جاگیر زراعت در پاتر بلا شرط خاص بشرافت اولادی مسیح الاولیاء

www.maktabah.org

شیخ عیسیٰ بن قاسم بن یوسف پاتری قدس اسرارہم در قبضہ دست خود داشتہ۔ بالجملہ شہر پاتر امکن امراء و حکام اسلام بود۔ مرزا شاہ حسن حاکم سندھ از سائر بلدہ سندھ حسن آبادی پاتر افزون تر تصوریدہ تخت گاہ پدرش مرزا شاہ بیگ درنصر پور وتختگاہ مرزا شاہ حسن درامکن پاتر شہر۔ چہ نکاح دختر خود در پاتر بہ مرزا کامران کرد و مرزا ہمایون شاہ باری دویم خطبہ شاہی خود را در پاتر خواند واز فضلائی آن زمان دعا خیر خواست۔ رسد دانہ علجات بہ عساکر مغول از پرگنہ پاتر دستیاب میگردید اکثر ذکر او در معصومی و آئین اکبری ظاہر است مرزا کامران بوقت فراری در پاتر پناہ یافت۔

الحال اوشہر پاتر دیرین ویران جای ءدرندہ وگزندہ است دور آن زمین تودہ خاص خاشاک بجز نشان مساجدین کہ یکی ازان مسجد مسیح الالیاء کہ بنام نبیرہ اش حضرت مخدوم حسن قاری قدس سرہ کہ مشہور معروف در فضلائی اہل سندھ بودی وقبہ مخدوم اسمعیل اولیاء پنہور قدس سرہ دیگر ہیچ نیست و وقوعات وحدوثات بر بلدان سندھ خصوص بر پاتر از ممر غارت عسکر مغل ومردم قلائی از قدیم دوران نزول میگردیدہ امادر سنہ ہجری استیصال بنائی این پاتر مسلوفہ گشت۔

مردمان خاص عام اہل پاتر چون جہاز شکستہ بر تختہ خدا امان غوطہ اندوہ خوردہ اینجا وآنجا شدہ اندوحسن سیماب تعظیم ہرکس از تابش حُزن پریدہ ودیرہ فیض محمد وریاض محمد کہ از اولاد ودیرہ ابہورہ کلان قوم میمن در دیار مابذ کہ نزد غلام علی نوطقانی بذریعہ ملازمت مقرب گردیدہ از آنجا بتوفیق رفیق زرباز برخوشبوئی اشجار پائز برزمین پاتر دیرین رسیدہ بہ اتفاق چند مشخص زمینداران کہ نشستگاہ وی ہمقرین پاتر بود بجملہ از امینداران جونیجہ وانصاریہ وقاضیان اولاد مفتی محمود بن مخدوم عبدالواحد پاتری برزمین باغ مفتی کبیر ہمنام پاتر قصبہ دیگر پاتر درسنہ معمور ساخت دور آنجا بموجب استحقاق برمنصب قضا واجرای ءراہ اسلام اولاد مفتیان مذکورین حاکم آن وقت کلہورہ مقرر نمود وسند قضا براجرای ءامر شرعی حاکم میاں سرفراز خان نوشتہ۔

راہ حادثہ عداوت بر پاتر علی الرسم براین پاتر جدید نیز جریان چہ درزیر حکام از شورس مردم قوم چانڈیہ براین پاتر جدید نزول آتش عظیم گشت درسنہ واثاث البیت وکتب قاسمی ویوسفی ومسیح

www.maktabah.org

الاولیائی وفرمان عالیشان بہ ایمائی عبارات کرامت نشان ہمگی سوختہ خاکستر شد۔

ودراصل حقوق زمینات مردم فراری وبقیہ باشندگان جدید پاتر بدست قوم چانڈیہ بہ غضب رفتہ وبعضی ملکیت درتضحیک دیگر افتاد۔ بدین شیون نا ہنجار ہرتن درجان بیقرار چہ نہ درقرار حکام ونہ درقرار رعایا۔ چون عہد حضرت نعمان ثانی صاحب البیاض سیوستانی قدس سرہ پدید آمدہ وشعاع برکات ویمنات وی بعالم افتاد اہل پاتر از اولاد مفتی محمود بن مفتی کبیر واقوام جونیجہ وغیرہ بہ یمن دامن آنجناب بہ لب نان رسیدہ وحقوق ضائع از ظلم حکام بدست وی درآمدہ چند مکتوبات براین حالت درانشاواحدی مخزن الکرامت موجود۔

آنچہ خصوصیت وعداوت ونقصان زمین زراعت دربین باشندگان جدید پاتر پدید آمدہ از حال دی دریخجانیاوردہ۔ چون خردمندان گفتہ

اگر گیتی سراسر باد گیرد چراغِ مقبلان ہرگز نمیرد

چراغ برکات ویمنات از فیوضات الٰہی عزوجل دراسلاف خاندان آبائی کرام حضرت مسیح الاولیاء ودرنسل آل آنجناب چہ درسندھ وپنجاب وہند وگجرات ودیار کہن وعرب روشن است واز باد تند حوادثاتِ دوران سراج اولاد مسیح الاولیاء اہل سندھ پاتر وسیوستانی نمود وشعاع چراغ او بہ آخر فروغ بعینہ ہمان راہ صاحبدلان اہل پاتر جدید بہ فضل اللہ تعالیٰ عزاسمہ درسانیدن فیض بہ مریدان طالبان جاری است بعینہ ہمان مراقبہ وہمان درگاہ وہمان مجموعہ از درگاہ فضل الٰہی نظام گرفت چہ بصلح وصلاح صالحی سجادہ گیر فضل الٰہی بدل طالبان ومحبان صلاحیت مؤثر ماند الحمدللہ علیٰ ذالک۔ ذالک فضل اللہ یؤتیہ من یشاء۔ آنچہ طالبان دور در حضور۔ وآنچہ مجاور درگاہ از کشش شرار نفس دور کہ از حضور ذالک فضل اللہ سیراب نہ شد۔ حسن زبصر بلال از حبش سہیل از شام۔ زخاک مکہ ابوجہل این چہ بوالعجبی است۔

سبحان اللہ کہ زمین غریب پاتر دیرینہ دراصل ومعمور از آبائی کرام حضرت صاحب عین الاعیان الحاج مخدوم فضل اللہ الواسع قدس سرہما از کتب ملک اغیار یافتہ می شود چون طبقہ اولیٰ

www.maktabah.org

مردمان آنوقت وسواد پاتر گزشت طبقہ ثانی باب پاتر جدید کشاد واین پاتر از سبب سخاوت اولاد و دیرہ ابہورہ بہتی میمن نامی ودیرہ محب النبی بنام دی اشتہار یافتہ ودیرہ صاحب مہمان نواز نزد ہر صادر ووارد مردم مہمان خوان نعمت می نہاد۔

پاٹ کھڑی محب النبی میمن واری


این چنین شہرت پاتر بگوش خود شنیدہ اوزمان در آغاز معموری پاتر جدید بود۔

چون اعلم فیوضات وکرامت ذالک فضل اللہ الواسع در پاتر جدید نصب درمیدان اوگردیدہ پرتو شعاع آنحضر در قریب وبعید افتاد و بازگشت مریدان از جابجا بہ سوئی فضل الٰہی شد پاتر جدید بمکان مشرف مشاہیر العصر گردیدہ الحمدللہ علی ذالک فضل اللہ الواسع رحمہ اللہ تعالیٰ عنہ۔ یعنی آن عین الایمان مخدوم حاجی فضل اللہ قلندری نقشبندی ابن مخدوم عبدالواسع سیوستانی قادری خلافت گزین ابن مخدوم محمد حسن قادری حضرت مخدوم نعمان ثانی صاحب البیاض سیوستانی قدس اسرارہم ابن مخدوم مفتی دین محمد سیوستانی ابن مخدوم مفتی الاسلام عبدالواحد کبیر پاتری ابن مولانا عبدالرحمٰن قاری ابن مولانا محمود ابن مخدوم عیسیٰ ثالث ابن مخدوم حضرت حسن قاری پاتری قدس اسرارہم ابن مولانا شہراللہ رمضان ابن حضرت مخدوم جنداللہ مسیح الاولیاء شیخ عیسیٰ ثانی سندھی پاتری برہانپوری قدس اللہ تعالیٰ سرہ الاقدس ابن شیخ قاسم پاتری برہانپوری ابن شیخ الاسلام یوسف سندھی پاتری ابن شیخ رکن الدین پاتری ابن شیخ معروف پاتری ابن شیخ شہاب الدین ثانی سہروردی ابن نورالدین قدس اسرارہم کہ در بالا آوردہ شد و آنانکہ اسماء ازین کتاب اہل گجرات دیدہ می شوند بطرز شجرا اینجا می نویسد۔

شیخ شہاب الدین صدیقی موصوف کہ در بالا گفتہ شد و بہ تشریح نوشتہ مطابق شجرہ حضرت مسیح الاولیاء شہاب الدین مذکور در شجرہ حضرت شیخ طاہر محدث عم مکرم مسیح الاولیاء درین کتاب اہل گجرات داخل صفحہ ۴۲۶ پسر ارشدش شیخ معروف پاتری مندرجہ کتاب ہذا۔ پسر مبارک او شیخ رکن الدین پاتر را بہ زیب وزینت قائم البنیاد آباد کرو۔

www.maktabah.org

اولاد آنجناب



ص ۳۷۷ مذاق شیخ طیب ٹٹھی در بازار با مسیح الاولیاء و حافظ سندھی برہانپوری نیز اسم مبارک شیخ عیسیٰ بن قاسم پاتری برہانپوری ست چہ در عین المعانی ظاہر است کہ ۹۹۸ تالیف کتاب از اسم ح اف ظ استخراج فرمودہ۔ مسیح القلوب الزمان و شیخ حبیب اللہ القاب آنحضرت

www.maktabah.org

است و در بعضی اوراق مسیح العاشقین ہم وارد است بعد وفات پدر بزرگوار باز در وطن پاتر راجع۔ اکثر علماء سندھ آنجناب را از زاد بوم پاتر دیرین می نویسند۔ زیادہ معلوم نمی شود کہ در مصباح النجاۃ فی شرح مفتاح الصلوٰۃ بنام حضرت نوشتہ اند کہ شیخ عیسیٰ اصلاً پاتری آخر أبرہانپوری این اشارہ از زاد بومی آنحضرت است یا در وطن پدری کہ پاتر مشہور است در آنجا چند عمر عزیز گذرانیدہ اند۔ صاحب مصباح النجاۃ اصلاً پاتری مرقوم کرد۔ اصل وطن با پنجم واسطہ وطن پاتر از آنجناب کما مر واز فرزندان ارجمندان آن مسیح العاشقین شیخ عبدالستار پاتری برہانپوری وسجادہ نشین متولی درگاہ مولانا رمضان شہر اللہ الأبطن مادر واحد در پاتر ایلا دیافتہ وفرزند سیومی حضرت بابا شاہ فتح محمد صاحب مفتاح الصلوٰۃ در برہانپور تولد گردیدہ۔

اولاد حضرت مسیح العاشقین (صفحہ ۵۶۰)

(۱) حضرت مخدوم صاحبزادہ عبدالستار قدس سرہ

اولاد حضرت پنج دستاری در ملک ہند و گجرات و دکھن صاحب دستار پنجم شاہ عطا علی صاحب کہ در عقب او اولاد نیست ہمشیرہ بی بی محسنہ بیگم بنت مراد اللہ شاہ بہ میان محمد انور صاحب در نکاح داد۔ لکھتے ہیں کتاب تحفۃ الاذکیاء فی بیان مسیح الاولیاء میں کہ حضرت عطا علی صدیقی از دستار پنجمین بوجہ شرافت ونجابت ہم کفو ہونے کے مراد اللہ شاہ نے دختر اپنی نکاح میں دی ہے، محمد انور بن محمد رفیع بن محمد شفیع بن لشکر محمد آخر کو۔ یہی نسب حضرت صدیق اکبرؓ کے ساتھ متفق ہوتے ہیں اس بی بی محسنہ بیگم محمد منور کو فرزند محمد غضنفر تولد ہوئے۔ شاہ عطا علی نے تولیت وسجادہ درگاہ بہ ہمشیر زادہ محمد غضنفر تمسک کردہ بخشیدہ و دستار خلافت بر سروی نہاد و رسم عرائس مسیح الاولیاء بمع خاندانہ حضرت ایشان کہ در ہر سال جملہ ہزدہ عرائس بجامی آرند و تفصیل اسماء در تمسک مورخہ پنجم ماہ ذی حجہ ۱۲۲۹ھ بمہر عطا علی قادری مسیح الاولیائی قدس سرہ محمد غضنفر ممدوح دختر داشت او در نکاح بہ محمد معز الدین نواسہ خود سپردہ و تولیت درگاہ مسیح الاولیائی وسجادگی باو تفویض نمود بموجب تمسک مؤرخہ دریکم ماہ صفر المظفر ۱۲۷۰ھ بمہر محمد غضنفر و محمد معز الدین ممدوح علیہ الرحمۃ بہ ہمشیرہ زادہ خود خرقہ خلافت وسجادہ نشینی روضہ منورہ و خانقاہ مطہرہ حضرت مسیح الاولیاء بجناب سید عزیز الدین صاحب ولد سید رحیم الدین برہانپوری عطا نمود (نقل من تحفۃ الاذکیاء مطبوعہ حیدر آباد دکن)

www.maktabah.org

(۲) مولانا شہراللہ عرف رمضان قدس سرہ

تفصیل او در شجرہ حضرت مخدوم حسن قاری مشہور و معروف در پاتر ابن رمضان ابن مسیح الاولیاء وہم در شجرہ مفتی الاسلام مخدوم عبدالواحد پاتری کہ بہ عند ملاقات علماء برہانپور بہ مخدوم صاحب نوشتہ تفویض نمودند نقل او بمہر مفتی الاسلام حضرت عارف باللہ علیہ الرحمۃ سیوستانی چہ شیخ رمضان در دیار ہند از فرزندان مسیح الاولیاء مشتہر کماروی مسیح الاولیاء حضرت غلام جیلانی سجادہ نشین اورنگ آبادی مخدوم عبدالواحد مفتی پاتر از اولاد مسیح الاولیاء مشاہر العصر کما فی الفرمان عالیشان سلطان اورنگ زیب علیہ الرحمۃ واولاد مفتی کبیر مذکور

سیوستان

مفتی مخدوم دین محمد

اولاد او حضرت نعمان ثانی مخدوم عبدالواحد صغیر سیوستانی قدس اللہ سرہ الاقدس صاحب البیاض

پاتر

مفتی محمود

اولاد او زمینداران قاضی پاتر جدید

خلاصہ ذکر در حال طاہرین کہ در بالا گفتہ ام کہ مختصر در اوراق آخرین نوشتہ ام او حال ہمیں است

لیس الخبر بغائب کالمعائنہ۔ شنیدہ کے بود مانند دیدہ

بالا آوردم کہ باحضرت طاہر محدث ابن یوسف سندھی گجراتی صاحب مصنف این کتاب اذکار الابرار یعنی گلزار ابرار واذکار ابرار ترجمہ اوست چنانچہ او حضرت حاضر ناظر بود و گواہی او از چشم دید اوست و مجمع البحار طاہری در علم دیگر و مجمع الجاد دیگر از تصنیف طاہر دیگر محدث نمی فرماید او تصنیف شیخ محمد ابن طاہر نہروالا گجراتی می نویسد

و جنگ بوہرہ اہل تشعیہ نیز بہ اسم شیخ محمد ابن طاہر نہروالہ محدث منسوب غزوہ چہ نہ با طاہر ابن یوسف محدث و نہ با طاہر محدث نہروالہ احوال در صفحہ ۳۲۲ طاہر است

و این خبر صحیح از مصنف حاضر زمان طاہرین است

www.maktabah.org

(۳) باباشاہ فتح محمد قدس سرہ

از حضرت سرور عالم صلعم لقب باباشاہ یافت نقل از درالدارین اولاد او مشہور در ہندو گجرات ودکہن مختصر المشہور حضرت غلام جیلانی صاحب ابن شیخ رکن الدین سابق قلعہ دار دولت آباد و حضرت نواب مسیح الدین خان بہادر حیدرآباد دکہن از سبب مادر شریفہ سیدہ خلائق آن دیار حضرت ایشان را بہ لقب ''سید'' می خوانند در حقیقت صدیقی سہروردی مسیح الاولیائی مشاہیر العصر اندباقی تذکرہ در کتاب دیگر۔

فافہم علی ذلک۔ ناقلان متاخر لامحالہ از نقل یکدیگر بغیر شناس وبغیر وقوف صرف محاکات سماعی صحیح غیر صحیح در تصنیف خود داخل فرمودہ زیب وزینت تصنیف گزاشتہ اند۔ درحقیقت صحت سخن قابل اعتبار بہ گواہی چشما نقوی تر است در بعضی جا دیدہ کہ یک مشہور بہ نسب فاروقی وغیرہ است کہ در شجرہ سادات وبعضی سادات در نسب دیگر واغیار مخلوط مبدل کردہ اند واین صورت کمی وبیشی در حالات طاہرین نیست بل اکثر در ہر جا دیدہ شد۔ صاحب اخبار الاخیار در ذکر طاہر نہروالہ کہ حالش نوشتہ او ہم مطابق چشم دید معتبر نیست وآنچہ در کتاب سبحۃ المرجان فی آثار ہندستان در عبارت عربی است ودر حالی طاہر نوشتہ است ہمگی بموجب ہمعصر وہم اوطان صاحب گلزار ابرار مختلف است او بیان ہمگی درحال محمد بن طاہر نہروالہ است کہ بالا نوشتہ ام ووشجرہ شیخ طاہر محدث نہروالہ صاحب کتاب تذکرۃ الانساب تصنیف سید امام الدین گلشن آبادی محلہ درگاہ شریف شہر ناسک مطبوعہ نعل بہ نعل تا بہ حضرت صدیق اکبری نویسد وسجادہ درگاہ پیران پٹن نہروالہ چادر نسب خود را فرستادہ نزد راقم واو شجرہ خود را بہ حضرت یار غاری رساند ودر مقابلہ ہر دو رقم تفاوت بسیار نظر است واللہ اعلم۔

اہل عرب کہ درحق شیخ عبدالقادر ثانی مفتی مکہ مکرمہ فرمودہ ست **قد کان جدا بیک بل ضریحہ من اوحد العلماء والفضلاء اعنی محمد طاہر من منجی صدیق حققہ** بغیر مردا۔ معلوم نیست کہ بہ کلام طاہر ملحق است اگر چہ شیخ عبدالقادر مفتی مکہ از اولاد شیخ طاہر محدث نہروالہ است اما در نسب اولاد صدیق اکبری وشہابی السہر وردی طاہر ابن یوسف محدث مشتہر العصر بودی۔

البتہ پرانش شیخ عبداللہ وشیخ رحمتہ اللہ کہ زاد بودوی در پاتریا در سیوستان در اہل عرب بہ لقب شیخین بودند واین ہر دو برادر بودند نہ در قرابت عزیزی پدرشان بیشک عبداللہ طاہر بن یوسف پاتری کہ من مضافات سیوستان است انجا مشہور بودہ اکثر حوالہ اوشان در چند جائی درست دیدہ شد۔

www.maktabah.org

خلاصو

سنڌي ترجمو:

جيڪي نالا حضرت مسيح العاشقين جي ابن ڏاڏن ۽ اولاد جا هن ڪتاب ۾ داخل آهن، ان جي مختصر شرح بطور شجره فهرست سان گڏ واضح ڪئي وئي، ته جيئن ٻنهي جي پاڻ ۾ قرابت سمجهه ۾ اچي.

حضرت شيخ شهاب الدين صغير صديقي سهروردي سنڌي پاتائي قدس سره، وار الاسلام ملتان جي حڪمرانن جي ارادت سان پاڻ پهتا ۽ اتي رهي پيا ۽ شهر کي رونق ڏنائون. سندس ابن ڏاڏن جو شجرو ۽ شيخ الشيوخ ابوحفص عمر شهاب الدين صديقي سهروردي قدس الله سره جو شجرو هڪ ٻئي سان متفق (ساڳيو) آهي. حضرت مسيح الاولياء پنهنجي آبائي شجري ۾ "عين المعاني" ڪتاب جي ديباچي ۾ ذڪر ڪندي شيخ شهاب الدين جي نسب کي صحيح قرار ڏنو آهي. جيئن ته حضرت موصوف شيخ سهروردي ڪبير جي قريب ۽ بعيد اولاد ۾ جڳ مشهور بزرگ گذريا آهن ان ڪري ان کي صديقي سهروردي لکيو آهي. دهليءَ جي بادشاهن جي زماني ۾ پاڻ صوبه ملتان سان وابسته هو ۽ دادو سنڌ کان علاوه پاڻ وارن جا بجٹ بکر سرڪار ۽ پٹ سيوستان سرڪار طرفان ادا ڪيا ويندا هئا. شروع کان ئي مشائخ ۽ بزرگ پاڻ کي "قبة الاسلام" چون ٿا. ڇاڪاڻ ته سن 972ھ ڌاران بزرگن جي ڪتابن ۾انهيءَ نالي سان هڪ عظيم شهر جو تذڪرو ملي ٿو، جتي گهٹيون ديني درسگاهون ۽ مسجدون موجود آهن. پاڻ جي شهرت بحيثيت "سفينة الاولياء" جي هئي جنهن جي ڪري خاص ڪري شمالي علاقي جي اوليائن اڪابرن ان طرف لڏپلاڻ شروع ڪئي. درياءِ سنڌ جي ڪناري تي هئڻ سبب هي شهرن، باغن، ميويدار وٹن جو شهر سڏبو هو. دهليءَ جي بادشاهن پنهنجي فرمانن ذريعي راهداريءَ جو محصول حضرت مفتي الاسلام مخدوم عبدالواحد پاتائي بن مولانا عبدالرحمان بن مولانا محمود کي ڏنو هو، انهن سرڪاري فرمانن ۾ لکيل آهي ته ڏاڙهون وغيره اناج جيڪو پاڻ کان ٻئي ۽ ٽئي کان جيڪي ٻيون جنسون پاڻ اچن ٽيون ان تي چنگي معاف آهي.

هن خاندان جي اڪابرن کي هندستان جي حڪومت پاران مفتيءَ جي

www.maktabah.org

منصب جي شرط سان انعام طور پرڳٺي پاٽ، پرڳٺي باغبان ۽ سيوستان ۾ انعام طور جاگيرون ملنديون رهيون آهن. پر بعض اوقات پاٽ جي زرعي زمينون بغير ڪنهن خاص شرط جي جناب مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ بن قاسم بن يوسف پاتري (پاٽائي) قدس اسراره جي اولاد جي ملڪيت رهنديون آيون آهن. مجموعي لحاظ سان شهر پاٽ مسلمان اميرن ۽ حاڪمن جو مرڪز رهيو آهي. سنڌ جي حاڪم مرزا شاهه حسن سنڌ جي ٻين شهرن جي ٻيٽ ۾ پاٽ جي آبادي ۽ ڪي وڏ ڪان وڏ وڏايو ۽ ويجهايو. سندس پٽ مرزا شاهه بيگ جو گادي ۽ جو هنڌ نصرپور پر خود مرزا شاهه حسن جو پنهنجو گادي ۽ جو هنڌ شهر پاٽ هو. چاڪاڻ ته پنهنجي ڏيءُ جو سگ پاٽ ۾ مرزا ڪامران ڪي ڏنو هئائين. مرزا همايون شاهه باري ٻيو پنهنجو سرڪاري خطبو پاٽ ۾ پڙهندو هو ۽ اتان جي عالمن فاضلن ڪان دعاءِ خير جو طالب رهندو هو. مغل لشڪرن ڪي اناج جي رسد پاٽ پرڳٺي جي ڳوٺن جي زمينن مان ٿيندي هئي، تاريخ معصومي ۽ آئيني اڪبري ۾ ان جو گهڻو ذڪر آهي. ٻڃڻ وقت مرزا ڪامران پاٽ ۾ پناهه ورتي هئي.

پر هينئر پراڻي پاٽ جي حالت اها آهي ته ان سرزمين تي آباد گهر ڪندرات جي نشانن ڪانسواءِ ڪجهه نظر نٿو اچي سواءِ ٻن مسجدن جي، جن مان هڪ "مسجد مسيح الاولياء" آهي. جيڪا سندس پوٽي حضرت مخدوم حسن قاري قدس سره جي نالي هئي، جيڪو سنڌ جي مشهور معروف بزرگن مان هو. ٻيو مخدوم اسماعيل اولياء پنهور قدس سره جو قبو آهي. ٻي ڪا شيءِ باقي نه بچي آهي. سنڌ جي شهرن خصوصاً پاٽ تي ڏڳهي زماني ڪان مغل بادشاهن جي لشڪرن ۽ قلاتي قبيلي جي ڪاهن ۽ حملن سبب مصيبتون نازل ٿيندیون رهيون آهن، تان جو پاٽ مڪمل ويران ٿي ويو.

پاٽ جا عام خاص رهاڪو ٽٽل ٻيڙيءَ جي تختن تي سوارن وانگر هيڏانهن هوڏانهن امن جي تلاش ۾ پکڙي ويا. سهڻي اتفاق جي ڳالهه آهي جو انهيءَ رنج ۽ غم ۽ مصيبت جي فضا مان وڏيرو فيض محمد ۽ وڏيرو رياض محمد نالي ٻه زميندار ڏاڍا مشهور ٿيا. جيڪي ميمڻ برادريءَ جي وڏيري ايوري جي اولاد مان آهن اهي غلام علي نوطقاني جي ويجهو "حابڪه" نالي

www.maktabah.org

شهر ۾ وڏي ملازمت جي منصب تي هئا. اتان الله تعالىٰ جي توفيق سان پاڻ وڏي جي ويران وٽن تي بهار جي خوشبو جا جهوٽا لڳڻ لڳا. پرپاسي ۾ رهندڙ ڪن زميندارن ۽ جوٽيجن ۽ انصارين جي زميندارن کان سواءِ مفتي محمود بن مخدوم مفتي عبدالواحد پاڻائي جي اولاد جي سهڪار سان مفتي ڪبير جي باغ جي سرزمين تي سن (؟) ۾ پاڻ نئون اڏيو. جيڪو الله جي فضل سان ترقي ڪرڻ لڳو. جتي ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ اسلامي احڪام ۽ قانون جاري ڪرڻ لاءِ صديقي خاندان جي استحقاق مطابق ڪين مفتي ۽ قاضيءَ جو منصب عطا ڪيو ويو. اهو آردر حاڪم ميان سرفراز خان لکيو هو.

دستور مطابق انهيءَ نئين پاڻ تي بي سبب مصيبتون ۽ جنگيون مسلط ٿيندیون رهيون. چاڪاڻ ته چانديي قبيلي ان تي حملا شروع ڪيا. گهريلو سامان اسباب سان گڏوگڏ قاسمي، يوسفي ۽ مسيح الاولياڻي ڪتب خانن کي به ساڙي رک ڪري ڇڏيائون.

دراصل فراري قبيلي ۽ نئين پاڻ جي ٻين رهاڪن جي زمينن تي چاندين قبضا ڪيا. ان کان سواءِ انهن ٻيون ملڪيتون به قبايون هيون، جنهن جي ڪري هر شخص حڪمران هجي يا رعيت مان، بيزار ۽ بيقرار هو. حالانڪ حضرت نعمان ثاني صاحب بياض واحدي سيوستاني قدس سره جي زماني ۾ برڪتن ۽ فيوض جون شعاعون هر هنڌ چانيل هيون. ڇڇ زماني تائين پاڻ ۾ رهندڙ مفتي محمود بن مفتي ڪبير (عبدالواحد صديقي) جو اولاد، جوٽيجا ۽ ٻيون قومون سُک ۽ آرام سان زندگي گذارينديا هئا. مخدوم صاحب جي دامن ۾ ماڻهن کي حڪمرانن جي ظلم کان امن امان نصيب هو. جيئن"انشاء واحدي" ۽ "مخزن الڪرامت" جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو.

بهرحال زمينن ۽ ملڪيتن جي جهيڙن جهڳڙن سبب نئين پاڻ تي جيڪا بربادي نازل ٿي، ان جو ذڪر هتي ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. عقلمندن چيوآهي ته (شعر)

جيڪڏهن هر هنڌ طوفاني هوا هلي تڏهن به الله جي مقبول بانهن جوباريل ڏيئو نه وسائبوآهي.

مسيح الاولياءَ جي خاندان جي بزرگن جي برڪتن ۽ فيوضات الهي جا

www.maktabah.org

چراغ سنڌ کان علاوه پنجاب، هندوستان، گجرات، حيدرآباد دکن، عرب ملڪن ۾ به روشن رهيا آهن. پاڻ شهر جي بربادي ۽ کان پوءِ هن شهر جا مشائخ مختلف هنڌن ڏانهن منتقل ٿي ويا ۽ ماڻهن کي پنهنجي فيض ۽ هدايت جي نور کان فيضياب ڪندا رهيا. اهڙا ئي مراقبا، اهڙي ئي درگاهه ۽ وظائف جو اهڙو ئي مجموعو "درگاهه فضل الهي" تي به جاري آهي، جيڪا سجاده نشين فضل الاهي جي زير نگراني طالبن ۽ محبن جي اصلاح، صلاح ۽ هدايت لاءِ مؤثر خدمت انجام ڏئي رهي آهي. الحمد الله علىٰ ذلک فضل الله يؤتيه من يشاءُ ڪنهن شاعر کهڙا نه چگا بيت چيا آهن: (ترجمو) جيڪي طالب دور آهن پر دل حضوري رکن تا انهن کي فيض حاصل ٿئي ٿو، پر درگاهه جو مجاور نفس جي شرارتن سبب ويجهو هئڻ جي باوجود هدايت کان دور آهي. اهو الله جو فضل آهي ان وقت تائين کو ان مان فيضياب نٿو ٿي سگهي، جيستائين الله نه گهري. ڪيڏي نه عجب جهڙي ڳالهه آهي ته حضرت حسن بصري، بصري مان، بلال حبشي حبش مان، سهيل شام مان دربار نبوت ۾ اچي فيضياب ٿين تا پر مڪي جي سرزمين مان ابوجهلَ پيدا ٿين تا!

سبحان الله پاڻ شهر جي غريب سرزمين صاحب عين الاعيان الحاج مخدوم فضل الله قدس الله اسرار هما جي فيض ۽ هدايت کان فيضياب ٿيندي رهي آهي. جيئن ڏارين ملڪن جي ڪتابن مان به معلوم ٿئي ٿو. الغرض جڏهن مشائخ ڪرام جو پهريون طبقو گذاري ويو ته پوءِ ٻين بزرگن نئون پاڻ اڏيو.[1] جتي وڏيري محب النبي گهٽو نالو ڪيو، جيڪو وڏيرو اپورو پٽي ميمڻ جي اولاد مان هو ۽ سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هر شخص سندس سخاوت ۽ نعمت جي دسترخوان تان فائدو ۽ فيض وٺندو هو تان جو هر هنڌ اهو چوٻول هو ته

پاڻ کهڙي؟ محب النبي ميمڻ واري

پاڻ جي اها شهرت مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌي ۽ اهو پاڻ جديد جي

---

[1] پراڻي پاڻ يا نئين پاڻ کي الڳ الڳ دور دراز مفاصلن تي شهر نه آهن. بلڪ پاڻ پراڻي درياه جي ڪپ تي هئي. جيڪا ڪن سبب ڪري بعد جي زماني ۾ زرخيز زمين ۾ ڦهلجڻ لڳي ۽ نئين پاڻ جي نالي سان مشهور ٿي ۽ قديم پاڙو ويران ٿيندو ويو.

www.maktabah.org

ترقيءَ جو شروعاتي دور هو. جيئن ته فيض، ڪرامت، علم الله جي ڏات آهي جنهن جي پالوٽ الله تعاليٰ نئين پاٽ وارن تي به ڪئي هئي ۽ جنهن جون شعاعون ويجهو ۽ پري هر هنڌ پکڙجي ويون. ان جي نتيجي ۾ جتان ڪٽان مريد ۽ محب پاٽ جديد ڏانهن ڇڪجي اچڻ لڳا، جتي عين الاعيان مخدوم حاجي فضل الله قلندري نقشبندي ابن مخدوم عبدالواسع سيوستاني قادري جي خلافت آهي، جنهن جو شجره نسب هن طرح آهي: ابن مخدوم محمد حسن قادري برادر حضرت نعمان ثاني صاحب البياض سيوستاني قدس اسرارهم، ابن مخدوم مفتي دين محمد سيوستاني، ابن مخدوم الاسلام عبدالواحد ڪبير پاٽائي، ابن مولانا عبدالرحمان قاري، ابن مولانا محمود، ابن مخدوم عيسيٰ ثالث، ابن مخدوم حضرت حسن قاري پاٽائي قدس اسرارهم، ابن مولانا شهر الله رمضان ابن شيخ عيسيٰ جنداللہ برهانپوري قدس الله تعاليٰ سره الاقدس، ابن شيخ قاسم پاٽائي برهانپوري، ابن شيخ الاسلام يوسف سنڌي پاٽائي، ابن شيخ رڪن الدين پاٽائي، ابن شيخ معروف پاٽائي، ابن شيخ شهاب الدين ثاني صديقي سهروردي، ابن نور الدين قدس اسرارهم. گجرات وارن جي ڪتاب ۾ ان ڏس ۾ جيڪي نالا نظر آيا آهن انهن کي شجره طور لکيو ويوآهي.

شيخ شهاب الدين صديقي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو،اهو حضرت مسيح الاولياءَ شهاب الدين جي شجري جي تشريح مطابق حضرت شيخ طاهر محدث جي شجري ۾ شامل آهي ۽ شيخ طاهر حضرت مسيح الاولياءَ جو چاچو آهي، جنهن شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني جي باري ۾ گجرات وارن جي ڪتاب صفحي 426 ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سندس نيڪ سيرت پٽ شيخ معروف پاٽائي آهي ۽ ان جو پٽ مبارڪ شيخ رڪن الدين آهي، جنهن پاٽ آباد ڪيو.

www.maktabah.org